# والدين سان

## ڀلائيءَ جو مطلب ڇا آهي

**28 May 2026**



(For Islamic Brothers)

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

28 مئي 2026ع (بمطابق: 11 ذوالحج شريف 1447ھ)

تي پاڪستان ۾ دعوتِ اسلامي جي هفتيوار اجتماع ۾ ٿيڻ وارو بيان

# والدين سان ڀلائيءَ جو ڇا مطلب آهي؟

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ…

- … **حضرت اسماعيل** عليه السَّلام **جي بي مثال اطاعت**
- … **عاجزيءَ جا پَرَ وِڇائڻ جو مطلب**
- … **سڀ کان پسنديده عمل**
- … **والدين جا ڪجھ حَقَ**

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة

Islamic Research Center

(شعبہ: بیاناتِ دعوتِ اسلامی)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی خَاتَمِ النَّبِیّٖن ط

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْم ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْم ط

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِیَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

صحابيءِ رسول حضرت ابوسعيد خدري رَضِیَ اللّٰہُ عَنْهُ ڪان روايت آهي فرمائن ٿا تہ: جيڪي ماڻهو ڪنهن مجلس (*Gathering*) ۾ ويهن پر رسولِ اڪرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّى اللّٰہُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم تي درود شريف نہ پڙهن، اهي جيتوڻيڪ جنت ۾ داخِل ٿي بہ وڃن تڏهن بہ اُها مجلس سندن لاءِ حسرت جو سبب رهندي.

نامِ حضرت پہ لاکھ بار درود | بے عدد اور بے شمار درود
ہم کو پڑھنا خدا نصیب کرے | دم بدم اور بار بار درود
جو محِبِّ نبی ہے اے کافیؔ! | چاہیے اُس کو بار بار درود

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديث پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّات عملن جو دارومدار نيتن تي آهي. [1]

---

1… بخاري، كِتَاب بَدءِ الْوَحی، صفحہ:65، حديث:1۔

اي عاشقانِ رسول! سنين سنين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي، اچو تہ بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري ونون ٿا. نيت ڪيو تہ ! ◈ الله جي رضا جي لاءِ بيان ٻڌندس ◈ بااَدَب ويهندس ◈ خوب توجهہ سان بيان ٻڌندس ◈ جيڪو ٻڌندس ان کي ياد رکڻ، پاڻ عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُلِلّٰه! يادِ حضرت ابراهيم، يادِ حضرت اسماعيل عليهما السلام ۽ يادِ حضرت هاجره رَحمۃُاللہِ علیہا جا مبارڪ ۽ مقدس ڏينهَن آهن، يقيناً حج بہ يادِ حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام سان ڀرپور آهي ◈ ڪعبو شريف، حضرت ابراهيم ۽ سندن شهزادي *(Prince)* حضرت اسماعيل عليهما السلام تعمير ڪيو ◈ صَفَا، مَروه حضرت هاجره رَحمۃُاللہِ علیہا جي ياد آهن پاڻ پاڻيءَ جي تلاش ۾ هِتي ڊوڙيون هيون ◈ مِنيٰ ۾ حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام جي قرباني جو لازوال ۽ بي مثال واقعو پيش آيو. اهڙي طرح تقريباً حج جا سمورا مَناسِڪ *(Rituals)* حضرت ابراهيم ۽ حضرت اسماعيل عليهما السلام جي ياد آهن ◈ اهڙي طرح قرباني بہ هنن ٻنهي انبياءِ ڪِرام عليهما السلام جي ياد آهي. جڏهن پاڻ پُٽ جي بي مثال ۽ لازوال قرباني پيش ڪيائون تہ ان وقت جنت مان گهيٽو *(Ram)* موڪليو ويو، تڏهن الله پاڪ فرمايو:

| | |
|---|---|
| وَتَرَكْنَا عَلَيْهِ فِي الْاٰخِرِيْنَ ﴿۱۰۸﴾ سَلٰمٌ عَلٰۤى اِبْرٰهِيْمَ ﴿۱۰۹﴾ كَذٰلِكَ نَجْزِى الْمُحْسِنِيْنَ | ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ اسان بعد وارن ۾ ان جي ساراهہ باقي رکي. ابراهيم تي سلام هجي. اسان نيڪي ڪرڻ وارن کي |

اهڙو ئي صلو ڏيندا آهيون. (پارو: 23، سورة صٰفّٰت: 108-110)

اَلْحَمْدُلِلّٰه! هي حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جي ◈ اطاعتن ◈ بي مثال محبتِ الٰهي ◈ جذبءِ ايثار ۽ قربانيءَ جو ئي صِلو آهي جو سندن ذڪرِ خير رهندي دنيا تائين باقي رکيو ويو آهي.

الله پاڪ حضرت ابراهيم ۽ حضرت اسماعيل عليهماالسلام ۽ حضرت هاجره رحمة الله عليها جي صدقي اسان کي به نيڪي جي توفيق نصيب فرمائي، ڪاش! اسان صحيح معنيٰ ۾ الله پاڪ جا فرمانبردار ٻانها بڻجي وڃون.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

مولیٰ مجھ کو نیک بنادے | اپنی الفت دل میں بسادے
بہرِ صَفا اور بہرِ مروہ | یااللہ! مری جھولی بھر دے[1]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## حضرت اِسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام جي بي مثال اِطاعت

بخاري شريف ۾ حديث پاڪ آهي: مان خلاصي طور (*In summary*)پنهنجن لفظن ۾ عرض ڪري رهيو آهيان. اوهان کي خبر هوندي ته حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام اڃان ڪير پياڪ ٻار ئي (*Infant*) هئا، جڏهن پاڻ ۽ سندن امِي جان حضرت هاجره رحمةالله عليها مڪي پاڪ ۾ آيا هئا، حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام هتي ئي وڏا

1 وسائلِ بخشش، صفحه:121-

ٿيا، هتي ئي قبيلي بنو جُرهُم جي هڪ عورت سان سندن نڪاح ٿيو.

حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام ڪڏهن ڪڏهن ساڻن ملڻ لاءِ تشريف ڪٿي ايندا هئا. بخاري شريف ۾ آهي: هڪ ڀيري حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام مڪي پاڪ تشريف ڪٿي آيا ته ان وقت حضرت اسماعيل عَلَيۡهِ السَّلَام گهر ۾ موجود نه هئا، سندن زوجه حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام جو استقبال ڪيو، پاڻ پڇيائون: اسماعيل ڪٿي آهي؟ هن وراڻيو: اُهي حلال ڪمائي لاءِ ٻاهر تشريف وٺي ويا آهن. حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام ڪانئس پڇيو: توهان جو گذر بسر ڪيئن ٿي رهيو آهي؟ سندن زوجه چوڻ لڳي: تمام خراب حالتون آهن، بس تنگدستيءَ ۾ ئي ڏينهن گذري رهيا آهن. اهڙي طرح اُن شڪايتن جو ڍير لڳائي ڇڏيو. حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام پنهنجي نُنهَن جون شڪايتون ٻڌڻ کان پوءِ فرمايو: اسماعيل اچي ته ڪيس منهنجا سلام چئجان ۽ هي به چئجانس ته:

يُغَيِّرْعَتَبَةَبَابِهِ

**ترجمو:** پنهنجي دروازي جي چانئُٺِ بدلائي ڇڏ ...!!

اِهو چئي حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام واپس ملڪِ شام تشريف وٺِي ويا. حضرت اسماعيل عَلَيۡهِ السَّلَام جڏهن واپس تشريف آيا ته ڪين **گهَر جي اندر ڪجهه پنهنجائپ محسوس ٿيڻ لڳي، اج هوائن ۾ ڪا ڄاتل سڃاتل مَهڪَ (*Smell*) هئي، ڪجهه خاص انوارِ تجليات جي روشني هئي.**

پاڻ پنهنجي گهَرواريءَ کان پڇيائون: ڇا اج ڪو آيو هو؟ سندن زوجه وراڻيو: جي ها! هِنن پارَن پَٽَن سان هڪ بزرگ تشريف ڪٿي آيا هئا. پاڻ فرمايائون: تنهنجون انهن سان ڪهڙيون ڪهڙيون ڳالهيون ٿيون؟ سندن زوجه

ڪين سمورو تفصيل ٻڌايو. حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام فرمايو: اُهي منهنجا والدِ ذيشان، الله پاڪ جا خليل حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام هئا ۽ منهنجي گهر جي چانئٺ تون آهين، هنن توکي جدا ڪري ڇڏڻ جي نصيحت فرمائي آهي. ائين چئي پاڻ پنهنجي زوجه کي احترام سان سندن مائٽن ڏانهن موڪلي ڇڏيو.

ٿوري ئي عرصي کان پوءِ پاڻ قبيلي بنو جُرهَم جي هڪ ٻي عورت حضرت رعله (*Ra'la*) رحمةالله‌عليها سان نڪاح فرمايائون.[1] هڪ ڏينهن وري ائين ئي ٿيو، حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام تشريف کڻي آيا، حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام اڄ به گهر ۾ موجود نه هئا، پاڻ پنهنجي نئين نُنهَن کان پڇيائون: اسماعيل ڪٿي آهي؟ عرض ڪيائين: ٻاهر تشريف کڻي ويا آهن. ڪانئس وڌيڪ پڇيائون ته: اوهان جو گذر بسر ڪيئن ٿي رهيو آهي؟ سندن نُنهُن عرض ڪيو: سڀ خير آهي (مزي سان ڏينهن گذري رهيا آهن). فرمايائون: ڇا کائيندا آهيو؟ عرض ڪيائين: گوشت. پڇيائون: ڇا پيئندا آهيو؟ چيائين: پاڻي. پاڻ ڪين دعا ڏيندي فرمايو:

اَللّٰهُمَّ بَارِكْ لَهُمْ فِي اللَّحْمِ وَالْمَاءِ

**ترجمو:** اي الله پاڪ! هنن جي گوشت ۽ پاڻي ۾ برڪت عطا فرماءِ.

پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: انهن ڏينهن ۾ مڪي پاڪ ۾ اناج نه ٿيندو هو، نه ته حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام اُن جي لاءِ به دعا فرمائن ها. وڌيڪ فرمايائون: حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جي دعاءِ پاڪ جو ئي اثر آهي جو صرف مڪي پاڪ ۾ ئي گوشت ۽ پاڻي تي گذارو ڪري سگهجي

1 عمدة القاری، کتاب احادیث الانبیا، باب (یزفون)النسلان فی المشی، جلد:11، صفحہ:76، زیرِ حدیث:3364 ـ

ٿو، هتان کان علاوه جيڪڏهن ڀيو ڪٿي صرف گوشت ۽ پاڻي تي گذارو ڪيو وڃي ته اِهو طبيعت ڪي موافق نه ٿيندو.

خير! حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام پنهنجي نئين نُنهَن جي شڪر گذاري ۽ نيڪ طبيعت کان تمام گهڻو خوش ٿيا ۽ فرمايائون: جڏهن اسماعيل اچي ته ان کي منهنجا سلام ڏجانءِ ۽ چئجانس ته:

يُثْبِتُ عَتَبَةَ بَابِهِ

**ترجمو:** پنهنجي گهر جي چانئٺ کي ثابت رکو ...!!

اِهو چئي حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام واپس تشريف وٺي ويا. جڏهن حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام گهر تشريف ڪٺي آيا ته اج وري هوائن ۾ چاتل سچاتل خوشبو هئي، خاص قسم جا انوار ۽ تجليون هيون. زوجه کان پڇيائون: ڇا اج ڪو آيو هو؟ عرض ڪيائين: جي ها! هِن شڪل ۽ صورت جا هڪ بزرگ تشريف ڪٺي آيا هئا. تمام گهڻا حَسِين هئا، ڏاڍا نيڪ طبيعت هئا. پوءِ سندن زوجه پاڪ کين سمورو تفصيل ٻڌايو. سڀ ڳالهيون ٻڌي حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام فرمايو: اُهي منهنجا والدِ محترم حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام هئا، اُهي حڪم ڏئي ويا آهن ته توکي پنهنجي نڪاح ۾ برقرار رکان ...!![1]

حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام جي هي ٻي زوجه محترمه آهي، جن جي اولاد مان تمام جهانن جي مالڪ ۽ مختار، نبين جي سردار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي ولادتِ باسعادت ٿي ۽ حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام جي ان نيڪ

1 بخاری، کتاب احادیث الانبیا، باب النسلان فی المشی، صفحہ:858-860، حدیث:3364 ملخصاً

طبيعت ۾ شڪر گذار زوجہ محترمہ کي پياري محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي ڏاڏي جان بڻجڻ جو شرف نصيب ٿيو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڇا ناشُڪري زال کي طلاق ڏئي ڇڏڻ گهرجي...؟

پيارا اسلامي ڀائرو! بخاري شريف ۾ بيان ٿيڻ واري هن واقعي ۾ اسان جي سکڻ لاءِ ڪافي ڳالهيون آهن پر پهريان هڪ ضروري وضاحت (*Explanation*) ٻڌو! حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام جي پهرين زال ناشڪري (*Ingratitude*) ڪئي تہ حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام ان کي طلاق ڏيڻ جو حڪم ڏنو. ڇا هن مان اسان اِهو سکي سگهون ٿا تہ ناشڪري جي ڪري زال کي طلاق ڏئي ڇڏجي ...؟ توجهہ سان ٻڌو! هن واقعي مان اِهو سبق هرگز نہ ٿو ملي تہ ناشڪري عورت کي طلاق ڏيئي ڇڏڻ لازم آهي بلڪ هِن طلاق جي حڪمت سمجهو! اصل ۾ حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي پيشاني مبارڪ ۾ پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جو پاڪ نورُ رکيو ويو هو. الله پاڪ کائنئن هي واعدو ورتو هو تہ هِن نور جي خاص حفاظت ۾ عزت ۽ تڪريم لاءِ پنهنجي وقت جي اعليٰ ترين ۽ نيڪ کان نيڪ ترين عورت جي ئي طرف منتقل (*Transfer*) ڪيو ويندو.[1]

اِهو ئي واعدو حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام پنهنجي پٽ حضرت شيث عَلَيْهِ السَّلَام کان ورتو، پوءِ حضرت شيث عَلَيْهِ السَّلَام پنهنجي پٽ کان، اهڙي نموني هلندي هلندي نسل در نسل اِهو واعدو ورتو ويندو رهيو.[2] حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام

---

1 حجة الله على العالمين، القسم الثانی، الباب الاول...الخ، صفحہ:162۔
2 المواہب اللدنیہ، طہارۃ نسبہ، جلد:1، صفحہ:45۔

جي پيشاني مبارڪ ۾ بہ اُهو پاڪ نورُ چمڪي رهيو هو. سندن پهرين زوجہ جيئن تہ ناشڪري طبيعت رکڻ واري هئي، تنهنڪري اُها پياري آقا و مولا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي ڏاڏِي جان بڻجڻ جي لائق نہ هئي، ان ڪري حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام ان کي طلاق ڏئي ڪنهن اعليٰ ترين طبيعت واري، نهايت ئي نيڪ طبيعت عورت سان ڪين نڪاح ڪرڻ جو حڪم فرمايو.

يعني هيءَ جيڪا طلاق ڏياري وئي، اِها اِن ڪري نہ هئي تہ ناشڪري زال کي طلاق ڏئي ڇڏڻ گهرجي، پر اِها پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي پاڪ نُورَ جي تعظيم جي لاءِ هئي.

تنهنڪري ائين هرگز نہ ٿيڻ گهرجي تہ جيڪڏهن ڪنهن جي زال ناشڪري طبيعت واري هجي تہ هو کيس طلاق ڏئي ڇڏي. اسان کي گهرجي تہ گهر ۾ نيڪي جي دعوت ڏيندا رهون، پيار محبت سان سمجهائيندا رهون، طلاق مسئلي جو حل نہ هوندي آهي پر هڪ طلاق جا برا اثرات ڪيترن ئي نسلن تائين وڃي پهچندا آهن ۽ رشتن ۾ ڏارَ وِجهي ڇڏيندا آهن. ان ڪري ئي حديث پاڪ ۾ فرمايو ويو: اَبْغَضُ الْحَلَالِ اِلَى اللهِ الطَّلَاقُ يعني الله پاڪ وٽِ حلال شين ۾ سڀ کان وڏيڪ ناپسنديده شيءِ طلاق آهي.[1]

## اِن ۾ ئي بهتري هوندي

اگر ڪنهن کي گهر ۾ دشواري هجي بہ، مثلاً زوجہ تمام گهڻو تنگ ڪري رهي آهي، تمام گهڻيون فرمائشون (*Demands*) ڪري رهي آهي، هر وقت شڪوہ ۽ شڪايتون ئي ڪندي رهندي آهي تہ ان کان گهبرائڻ نہ گهرجي، صبر

[1] المواہب اللدنيہ، طہارة نسبہ، جلد:1، صفحہ:45۔

۽ تحمل سان، سمجهائي ڪري گڏجي هلڻ ۽ هلائڻ جي ڪوشش ۾ لڳو رهڻ گهرجي. الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| فَاِنۡ كَرِهۡتُمُوۡهُنَّ فَعَسٰۤى اَنۡ تَكۡرَهُوۡا شَيۡـًٔا وَّ يَجۡعَلَ اللّٰهُ فِيۡهِ خَيۡرًا كَثِيۡرًا ﴿۱۹﴾<br>(سيپارو: 4، سورة نساء: 19) | ترجموڪنزالعرفان: پوءِ جيڪڏهن توهان کي اهي پسند نہ هجن تہ ٿي سگهي ٿو تہ ڪا شيءِ توهان کي پسند نہ هجي ۽ الله ان ۾ وڏيڪ ڀلائي رکي ڇڏي. |

هن آيتِ ڪريمہ ۾ زال جي حوالي سان فرمايو ويو آهي تہ جيڪڏهن بدخُلقي يا خوبصورت نہ هجڻ جي ڪري توهان کي پنهنجي زال پسند نہ هجي تہ صبر ڪريو ۽ زال کي طلاق ڏيڻ ۾ جلدي نہ ڪريو ڇوتہ ممڪن آهي تہ الله پاڪ اُن ئي زال مان توهان کي اهڙي اولاد ڏئي جيڪا نيڪ ۽ فرمانبردار هجي ۽ پوڙهائپ جي بيوَسِيءَ ۾ توهان جو سهارو بڻجي وڃي.[1]

## گهَر ۾ بهتر ماحول بڻائڻ جو طريقو

ڏسو! اسان کي ڪيڏي نہ پياري نصيحت ڪئي وئي آهي تہ طلاق ڏيڻ ۾ جلدي نہ ڪريو! ٿي سگهي ٿو تہ اُن ئي عورت جي ذريعي توهان کي تمام گهڻيون ڀلايون ملي وڃن. الله پاڪ اسان کي هِن قرآني نصيحت تي عمل ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي.

جيڪڏهن خدا نہ ڪري گهر جو ماحول سنو نہ هجي، گهر ۾ لڙائي جهڳڙا وغيره هلي رهيا هجن تہ انهن مسئلن کي حل ڪرڻ جو هڪ بهترين نسخو

1 صراط الجنان، پاره:4 ، سورهٔ نساء، زيرِ آيت:19، جلد:2، صفحہ:186-187.

عرض ڪريان ٿو، تجربو شرط آهي، هي نسخو اپنايو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ڪجهه ئي عرصي ۾ اِن جو اثر اوهان پنهنجين اکين سان ڏسندؤ. اُهو نسخو ڪهڙو آهي؟ پنهنجي گهر ۾ پردي جي احتياطن سان (مثلاً ماساتِن، ڀُڻاتِن، سؤٽن کان پردو ڪندي) سيني گهَر وارن کي جمع ڪري فيضانِ سنت جو درس ڏيڻ جي عادت بڻايو!

روزانو درس ڏيو! هڪ وقت مقرر ڪري ڇڏيو! ان ئي وقت ڪو درس ۾ موجود هجي يا نہ هجي، پابندي سان درس ڏيندا رهو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! جلد ئي پنهنجي ۽ اهلِ خانہ جي ڪردار ۾ واضح ۽ مثبت تبديلي ڏسڻ ۾ ايندي. الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

## والد صاحب کي خوشبو مان سڃاڻي ورتائون

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان حضرت ابراهيم ۽ حضرت اسماعيل عليهما السلام جو تفصيلي واقعو ٻڌو. هن واقعي ۾ حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام جي ٻي مثال ڪردار تي ٿورو غور فرمايو! پاڻ گهر ۾ موجود نہ هئا، والد صاحب يعني حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام تشريف ڪٺي آيا، ساڻن مليا بہ نہ، ڪين پري کان ڏٺائون بہ نہ، تنهن جي باوجود بہ جڏهن پاڻ گهر پهتا تہ صرف هوائن ۾ موجود خوشبوءِ مان سڃاڻي ورتائون تہ هجي نہ هجي، اڄ والدِ محترم تشريف ڪٺي آيا هئا. هِي باقاعده بخاري شريف ۾ حديث پاڪ جا الفاظ آهن تہ:

فَلَمَّا جَاءَ اِسْمَاعِيلُ كَاَنَّهُ آنَسَ شَيْئًا

**جڏهن حضرت اسماعيل** عَلَيْهِ السَّلَام **واپس تشريف کڻي آيا ته پاڻ (هوائن، فضائن ۽ گهر جي درن ۽ ديوارن ۾) پنهنجائپ محسوس ڪيائون.**[1]

**توهان ڏٺو پُٽ جو پنهنجي والد صاحب سان جذباتي لڳاءُ ڏسو! ڪيڏو ڪمال جو لڳاءُ آهي، ڪيڏي بي مثال محبت آهي، صرف هوائن ۾ موجود خوشبوءِ مان والد صاحب جي آمد کي سڃاڻي رهيا آهن.**

**افسوس! اڄ اسان وٽِ حالتون تمام گهڻيون خراب آهن ◈ اسان وٽِ ته ماءُ پيءُ گهر ۾ ئي موجود هوندا آهن، پوءِ به سندن پرسان ويهڻ نصيب نه ٿيندو آهي ◈ امي جان بيمار ٿي پونديون آهي، پٽ کي خبر ئي نه پوندي آهي ◈سڄي رات بابو سائين بخار ۾ ٻَرندو رهيو، بار بار کنگهندو رهيو ۽ پُٽ آهي جو بي فکر ٿي سمهيو پيو آهي ◈ ماءُ پيءُ وٽِ ڪڏهن ڪپڙا نه هوندا آهن، ويچارا هڪ ئي وڳو بار بار ڌوئي ڌوئي پائيندا رهندا آهن ۽ پُٽن کي خبر به نه پوندي آهي ◈ اِمي جان جي چپل ڇڄي پئي آهي، اِهو به امي جان ٻڌائينديون تڏهن ئي معلوم ٿيندو، جي نه ته خبر به نه پوندي آهي. غلطي پنهنجي هوندي آهي پر اڄڪلهه جا پُٽَ اُلٽو ماءُ پيءُ کي ڳالهائيندا آهن: توهان مون کي ڇو نه ٻڌايو ...؟ اوهان کي پئسن جي ضرورت هئي ته مون کان ڇو نه گهريا ...؟ توهان بيمار هئا ته مون کي اطلاع ڇو نه ڏنو ...؟**

**اڙي ڀاءُ ...! ٿورو ٿڌي دماغ سان سوچيو! جڏهن اسان ننڍا هوندا هئاسون ته ڇا سرديون اچڻ کان پهريان اسان جي سردين جا ڪپڙا تيار نه ٿي ويندا هئا؟ گرميون اچڻ کان پهريان اسان لاءِ گرمي جو سامان مهيا نه ڪيو ويندو هو؟ اُن**

---

1 بخاری، کتاب احادیث الانبیا، باب النسلان فی المشی، صفحہ:859، حدیث:3364 ۔

وقت جڏهن اسان کي خبر به نه هوندي هئي ته عيد ڇا کي چئبو آهي؟ ان وقت به امان ۽ بابا جي عيد جا ڪپڙا بعد ۾ ٺهندا هئا، اسان جا ڀهريان ٺهي ويندا هئا، امان ۽ بابا نئون بوٽ وٺن يا نه وٺن پر اسان جي لاءِ اڳواٽ ئي بوٽ اچي ويندو هو. ڇا اسان کي پنهنجون ضرورتون ٻڌائڻيون پونديون هيون؟ ڇا اسان هر شيءِ گهُري ئي وٺندا هئاسون ...؟ نه نه ...!! اسان کي ته امان ۽ بابا پاڻ سمجهائيندا هئا: پُٽ! سيارو اچي ويو آهي، هاڻي بند بوٽ (*Shoes*) پائڻو آهي، نه ته بيمار ٿي پوندين. اونهارو ايندو هو ته اسان کي سمجهائيندا هئا ته: پٽ! هاڻي گرميون اچي ويون آهن، هن ۾ هي هي احتياط ڪرڻا آهن.

مطلب ته جڏهن اسان کي پاڻ کي پنهنجين ضرورتن جو علم به نه هو، ان وقت اسان جا ماءُ پيءُ پنهنجين خواهشن کي ماري اسان جون ضرورتون پوريون ڪندا هئا، اڄ هڪ ئي گهر ۾ رهندي اسان کي ماءُ پيءُ جي ضرورتن جي خبر به نه ٿي پوي ...؟ آخر ڇو...؟

## عاجزيءَ جا پَرَ وڇائڻ جو مطلب

قرآن ڪريم ڏسو! اسان کي ڪهڙو حڪم ڏئي رهيو آهي، ارشاد ٿئي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَاخْفِضْ لَهُمَا جَنَاحَ الذُّلِّ مِنَ الرَّحْمَةِ<br>(پارو: 15، سورة بني اسرائيل: 24) | ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ انهن جي واسطي عاجزيءَ جا پَرَ وڇاءِ نرم دلي سان. |

امام فخر الدين رازي رَحمۃُاللہِعَلَیْہ آيت جي هن حصي جو مطلب بيان ڪندي فرمائن ٿا: هي حڪم پٽ کي ڏنو پيو وڃي، مطلب هي آهي ته: پنهنجي ماءُ پيءُ جي ڪفالت اهڙي شان سان ڪريو جيئن انهن توهان جي ننڍپڻ ۾ توهان

جي ڪئي هئي.[1]

سُبْحٰنَ الله! معلوم ٿيو تہ جيئن ماءُ پيءُ ننڍپڻ ۾ اسان جي ضرورتن جو اندازو پاڻ لڳائيندا هئا بلڪ اسان جي ضرورت جون شيون اڳواٽ ئي مهيا ڪري ڇڏيندا هئا، هاڻي جڏهن ماءُ پيءُ پوڙها ٿي ويا آهن تہ اسان تي حق بڻجي ٿو تہ اسان بہ پنهنجي والدين جي چوڻ کان بغير سندن سموريون ضرورتون ۽ خواهشون پوريون ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪندا رهون.

## حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جو جنت جو ساٿِي

حضرت موسيٰ ڪليم الله عَلَيْهِ السَّلَام هڪ ڀيري الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ عرض گذار ٿيا. يا رب ڪريم! مون کي منهنجو جنت جو ساٿي ڏيکار. الله پاڪ فرمايو: فلاڻي شهر ۾ وڃ، اُتي فلاڻو قاصائي تنهنجو جنت جو ساٿي آهي. لهٰذا حضرت موسيٰ ڪليم الله عَلَيْهِ السَّلَام ان شهر ۾ اُن قاصائيءَ وٽِ تشريف کڻي ويا، (واقفيت نہ هئڻ جي باوجود مسافر ۽ مهمان سمجهي) ان قاصائيءَ پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام جي دعوت ڪئي. جڏهن کاڌو کائڻ وينا تہ هن هڪ وڏو ٽوڪرو پنهنجي ڀَرَ ۾ رکي ڇڏيو، پاڻ هڪ گِرهہ کائي رهيو هو ۽ ہ گِرهہ ان ٽوڪري جي اندر رکي رهيو هو، ايتري ۾ ڪنهن دروازو کڙڪايو. قاصائي اُٿي ٻاهر ويو. حضرت موسيٰ ڪليم الله عَلَيْهِ السَّلَام جڏهن ان ٽوڪري ۾ ڏٺو تہ، ان جي اندر وڏي عمر جا مرد ۽ عورت هئا. موسيٰ ڪليم الله عَلَيْهِ السَّلَام تي نظر پوندي ئي سندن چپن تي مسڪراهٽ ڇانئجي وئي، هنن سندن رسالت جي شهادت (يعني گواهي) ڏني ۽ اُن ئي وقت انتقال ڪري ويا. قاصائي واپس

1 تفسير رازی، پاره15: ، سورة بنی اسرائيل، زيرِ آيت24: ، جلد7: ، صفحه326: ۔

آيو تہ ٽوڪري ۾ پنهنجي والدين کي مثل حالت ۾ ڏسي معاملو سمجهي ويو ۽ پاڻ عَلَيْہِ السَّلَام جي دست بوسي ڪري عرض ڪيائين: اوهان اللّٰہ پاڪ جا نبي حضرت موسيٰ ڪليم اللّٰہ (عَلَيْہِ السَّلَام) لڳي رهيا آهيو. پاڻ عَلَيْہِ السَّلَام فرمايو: توکي ڪيئن اندازو ٿيو؟ عرض ڪيائين: منهنجا ماءُ پيءُ روزانو روئي روئي دعا گهرندا هئا تہ اي اللّٰہ پاڪ! اسان کي حضرت موسيٰ ڪليم اللّٰہ (عَلَيْہِ السَّلَام) جي جلون ۾ موت نصيب ڪجانءِ. هِنن ٻنهي جو هن طرح اوچتو انتقال ڪري وڃڻ سبب مون اندازو لڳايو تہ اوهان ئي حضرت موسيٰ ڪليم اللّٰہ (عَلَيْہِ السَّلَام) هوندا. قاصائيءَ وڌيڪ عرض ڪيو تہ: منهنجي ماءُ جڏهن ڪاڏو کائي چڪندي هئي، تہ خوش ٿي منهنجي لاءِ هيءَ دعا ڪندي هئي: يا اللّٰہ پاڪ! منهنجي پٽ کي جنت ۾ حضرت موسيٰ ڪليم اللّٰہ (عَلَيْہِ السَّلَام) جو ساٿي بڻائجانءِ. حضرت موسيٰ عَلَيْہِ السَّلَام فرمايو: توکي مبارڪ هجي جو اللّٰہ پاڪ توکي جنت ۾ منهنجو ساٿي بڻايو آهي.[1]

سُبْحٰنَ اللّٰہ! ڏسو! سلڇڻو پٽ (*Worthy son*) ڪهڙي نہ پياري انداز ۾ پنهنجي ماءُ پيءُ جي خدمت ڪري رهيو هو، جيئن ماءُ پيءُ ننڍپڻ ۾ پنهنجن هٿن سان پار کي ڪارائيندا آهن، هي سلڇڻو پٽ بہ ساڳي ئي نموني پنهنجن هٿن سان پنهنجي ماءُ پيءُ جي وات ۾ گرهہ وِجهي رهيو هو. اهڙي ڪمال جي اطاعت ۽ خدمت جو انعام بہ ڏسو ڪهڙو مليو جو جنت ۾ ڪيس حضرت موسيٰ عَلَيْہِ السَّلَام جو پاڙو نصيب ٿيو. اللّٰہ پاڪ اسان کي بہ ماءُ پيءُ جي اهڙي ئي خدمت ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي.

---

1...نزہۃ المجالس، باب بر الوالدین، صفحہ:229۔

## حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام جي اِطاعت گذاري

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام جي واقعي تي وڌيڪ غور فرمايو! حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام تشريف کڻي آيا، شهزادي سان ملڻ کان سواءِ ئي واپس تشريف وٺي ويا، صرف غائبانه طور پيغام پهچايائون: يُغَيِّرْعَتَبَةَبَابِهِ يعني پنهنجي دروازي جي چانئُٺِ بدلائي ڇڏ...!![1]

حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام جي اطاعت جو جذبو ڏسو ڪهڙو هو، پاڻ والد صاحب جي هِن غائبانه نصيحت تي فوراً عمل ڪيائون ۽ زال کي طلاق ڏئي ڇڏيائون (طلاق جو ڏياري وئي، ان جي وضاحت مان عرض ڪري چڪو آهيان).

## مِجازي عشق جي هڪ تباهه ڪاري

افسوس! اڄڪلهه جا نوجوان گناهن ڀري عشقِ مجازي جي ڄار ۾ ڦاسي ماءُ پيءُ جي نڪ ۾ دم ڪري ڇڏيندا آهن (يعني کين تمام گهڻو ستائيندا آهن) ◈ مان ته فلاڻي ڇوڪِريءَ سان ئي شادي ڪندس، نه ته زهر پِي ڇڏيندس، هن قسم جون ڌمڪيون ڏنيون ويندي آهن ◈ نوجوان گهر ڇڏي هليا ويندا آهن ◈ ماءُ پيءُ کي خوب بليڪ ميل (*Blackmail*) ڪيو ويندو آهي ◈ ڪجهه نادان ته گهران ڀڄي لِڪي ڇُپي نڪاح به ڪري ڇڏيندا آهن ◈ ۽ اهڙيون خبرون به ٻڌڻ ۾ ايندي آهن ته فلاڻي جي جيئن ته پسند جي شادي نه پئي ڪرائي وئي، تنهنڪري هُن ڪاوڙ ۾ اچي پنهنجي ماءُ پيءُ کي قتل ڪري ڇڏيو...!!

---

1 بخاری، کتاب احادیث الانبیا، باب النسلان فی المشی، صفحہ:859، حدیث:3364 ۔

افسوس! ڪيڏي نہ نادان اولاد آهي جو عشقِ مجازي جي گناهن ڀَري ڄارَ ۾ ڦاسي اهڙيون اهڙيون حرڪتون ڪري ويهندي آهي. اللّٰه پاڪ اسان جي حال تي رحم فرمائي. ماءُ پيءُ جو تمام وڏو شان آهي. سندن هر حال ۾ ادب ئي ادب ڪرڻو آهي.

## ايمان جي معاملي ۾ بہ نرمي

پيارا اسلامي ڀائرو! اوهان قرآن ڪريم جون پاڪيزه تعليمات ڏسو! حضرت سعد بن ابي وقاص رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ صحابيءِ رسول آهن، پاڻ جڏهن ڪلمو پڙهيائون تہ ڪين ڏاڍي مشڪل پيش آئي، هُونئن ئي مڪي پاڪ ۾ جيڪو بہ مسلمان ٿيندو هو، ان تي تڪليفن جا جبل ٽوڙيا ويندا هئا پر حضرت سعد بن ابي وقاص رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ کي هڪ الڳ قسم جي مشڪل پيش آئي، سندن والده ان وقت اڃان مسلمان نہ ٿي هئي، انهن حضرت سعد رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ کي چيو: اي سعد! توکي اِهو دين ڇڏڻو پوندو، جيستائين تون اِهو دين نہ ڇڏيو تہ مان کائڻ پيئڻ ڇڏي ڏيندِيَس ۽ بُک سبب مري ويندس ۽ ماڻهو توکي **ماءُ جو قاتل** چوندا.

هاڻي ڏسو! هڪ طرف ماءُ آهي، ٻئي طرف ڪا دنياوي خواهش نہ آهي، پر ايمان آهي. اهڙي حالت ۾ قرآن ڪريم ڪين نصيحت ڪئي، حڪم ٿيو:

| | |
|---|---|
| فَلَا تُطِعۡهُمَا وَ صَاحِبۡهُمَا فِی الدُّنۡیَا مَعۡرُوۡفًا ۫ (پارو: 21، سورة لقمٰن: 15) | ترجمو ڪنزالعرفان: تہ انهن جو چوڻ نہ مڃ ۽ دنيا ۾ چڱي طرح انهن جو ساٿ ڏي |

يعني اي سعد (رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ)! ماءُ جو اِهو ضد تہ پورو نہ ٿو ڪري سگهجي،

يعني ماءُ جي ڪري ايمان ڇڏي الله ۽ رسول جي نافرماني ته هرگز ڪرڻي نه آهي پر اِن جو اِهو مطلب به نه آهي ته ايمان جي لاءِ ماءُ کي جهڙڪيو وڃي، سندن سامهون رَڙيون ڪيون وڃن يا ٺانوَ ڪٽي اڇلايا وڃن، پر فرمايو ويو:

وَصَاحِبْهُمَا فِي الدُّنْيَا مَعْرُوْفًا ۡ
(پارو: 21، سورة لقمٰن: 15)

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ دنيا ۾ چڱي طرح انهن جو ساٿ ڏي

جيتوڻيڪ هڪ طرف ايمان ۽ ٻئي طرف ماءُ آهي، اهڙي حالت ۾ ايمان به نه ڇڏٺو آهي ۽ ماءُ جي بي ادبي به نه ڪرڻي آهي، سندن ادب ئي ڪرڻو آهي.[1]

اَللّٰهُ اَكْبَر! پيارا اسلامي ڀائرو! هي ماءُ پيءُ جو ادب آهي. پر افسوس! اڄڪلهه ته ماٺهو ماءُ پيءُ کي گاريون به ڏيندا آهن، سندن سامهون رڙيون ڪندا آهن، انهن جي سامهون ٻيهي ٻَڙ ٻَڙ ڪندا رهندا آهن، سندن پَر پُٺِ برايون بيان ڪندا رهندا آهن، دوستن جي ڪچهريءَ ۾ ماءُ پيءُ کي **جلاد** ۽ خبر ناهي الائي ڇا ڇا چئي غيبت ڪرڻ جو گناهه ڪمائيندا رهندا آهن. الله پاڪ اسان جي حال تي رحم فرمائي. جهڙي طرح اڄ صديون گذرڻ ڪان پوءِ به حضرت اسماعيل عليه السلام جي پاڪيزه سيرت مان سبق حاصل ڪري اسان قربانيون ڪري رهيا آهيون، لڪين روپين جا جانور خريد ڪري ذبح ڪري رهيا آهيون، اهڙي طرح سندن پاڪيزه سيرت مان ماءُ پيءُ جو ادب ڪرڻ به سِکون! ۽ نيڪ ۽ فرمانبردار اولاد بڻجي وڃون!

---

[1] تفسير بغوى، پاره:20، سورهٔ عنكبوت، زيرِ آيت:8، جلد:3، صفحه:463-

## سڀ کان پسنديده عمل

هڪ ڀيري هڪ صحابي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ بارگاهِ رسالت ۾ سوال ڪيو: يا رسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! سڀ کان فضيلت وارو عمل ڪهڙو آهي؟ فرمايائون: اَلصَّلَاةُ عَلٰى وَقْتِهَا يعني نماز کي سندس وقت تي ادا ڪرڻ. پڇيو ويو: ثُمَّ اَیٌّ؟ ان کان پوءِ ڪهڙو عمل سڀ کان وڌيڪ پسنديده آهي؟ فرمايائون: ثُمَّ بِرُّ الْوَالِدَيْنِ ان کان پوءِ والدين سان ڀلائي ڪرڻ سڀ کان وڌيڪ پسنديده عمل آهي. (1)

پيارا اسلامي ڀائرو! والدين سان نيڪي ۽ ڀلائي تمام گهڻو پسنديده عمل آهي. جن جا والدين زنده آهن، يقين ڪريو! انهن جا ته ٻيڙا ئي پار آهن، هڪ شخص هو، جنهن کان ڪنهن جو قتل ٿي ويو. قتل تمام وڏو گناهه آهي، قرآن ڪريم ۾ فرمايو ويو آهي: جنهن هڪ جانِ کي قتل ڪيو، ان ڄڻ سموري انسانيت کي قتل ڪيو، ايترو سخت گناهه آهي. اُن شخص کان جڏهن هِي گناهه ٿي ويو ته کيس ڏاڍي شرمندگي ٿي، هاڻي سوچي رهيو هو ته توبهه جو رستو ڪهڙو آهي؟ تنهنڪري مسئلو پڇڻ لاءِ صحابيءِ رسول حضرت عبد الله بن عباس رَضِیَ اللّٰہُ عنہما جي خدمت ۾ حاضر ٿيو، سموري ماجرا عرض ڪيائين ۽ پڇيائين: عالي جاهه! ڇا منهنجي لاءِ توبهه آهي؟ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمايو: ڇا تنهنجي ماءُ زنده آهي؟ چيائين: نه، هوءَ ته وفات ڪري وئي آهي. فرمايائون: ته پوءِ وڃ! وڃي توبهه ڪر ۽ جيترو ٿي سگهي الله پاڪ کي راضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪر!

اِهي لفظ ٻڌي اُهو شخص هليو ويو، ماڻهن پڇيو: عالي جاهه! سندس سوال

1…مسند ابو داؤد طيالسي، جلد:1، صفحه:289، حديث:370۔

جو جواب تہ اِهو ئي هو تہ هُو توبهہ ڪري، پوءِ اوهان ڪانئس ماءُ جي باري ۾ ڇو پڇيو؟ فرمايائون: ان ڪري تہ منهنجي معلومات مطابق الله پاڪ کي راضي ڪرڻ جو سڀ کان بهترين ذريعو ماءُ سان ڀلائي ڪرڻ آهي (تنهنڪري جيڪڏهن سندس ماءُ زندهہ هجي ها تہ مان ڪيس چوان ها تہ ماءُ جي خدمت ڪر! الله پاڪ تنهنجا سمورا گناهہ بخشي ڇڏيندو). [1]

## والدين جا ڪجهہ حَقَ

حقيقت تہ هيءَ آهي تہ والدين جا حق ڪنهن بہ صورت ۾ ادا نہ ٿا ٿي سگهن، بهرحال! علماءِ ڪِرام فرمائن ٿا: ڪجهہ ڳالهيون آهن، ڀانهو جيڪڏهن انهن تي عمل ڪري تہ والدين سان ڀلائي ڪرڻ وارو سڏيو ويندو: [2]

## (1): اِطاعت ۽ فرمانبرداري

پهريون حق آهي: شريعت جي دائري ۾ رهندي والدين جي هر ڳالهہ مڃڻ. يعني والدين جي هر ڳالهہ مڃيٽي آهي، جيڪو ڪجهہ اُهي چون، فوراً لبيڪ چئي سندن حڪم تي عمل ڪرڻو آهي. اهڙا ڪيترائي ڪم آهن جيڪي عام حالتن ۾ جائز جي حد تائين آهن پر والدين جو حڪم اچي وڃي تہ واجب ٿي ويندا آهن. مثلاً ◈ ڪاڌو ڪائڻ حلال آهي، مباح آهي، ماڻهو نہ ڪائي تہ بہ گناهہ نہ آهي، پر جيڪڏهن ماءُ پيءُ کائڻ جو حڪم فرمائن تہ هاڻي کائڻ واجب ٿي ويندو، نہ کائيندو تہ گنهگار ٿيندو. [3] ◈ اهڙي طرح بهارِ شريعت ۾ آهي:

---

1...الادب المفرد ،باب بر الام،صفحہ:14،حديث:4۔
2...برالوالدين لابن جوزی، ذکر المعقول فی بر الوالدين...الخ، صفحہ:129 خلاصتہً۔
3... فتاوٰی رضويہ، جلد:24، صفحہ:557 ماخوذاً۔

هِي (يعني پُٽُ) پرديس (*Abroad*) ۾ آهي، والدين کيس گهرائن ٿا ته هن کي اچڻو ئي پوندو، خط (*Message*) لکڻ ڪافي نه آهي. اهڙي طرح والدين کي سندس خدمت جي حاجت هجي ته اچي ۽ سندن خدمت ڪري.[1]

يعني دين ۾ ماءُ پيءُ جو حڪم مڃڻ کي ايتري اهميت ڏني وئي آهي جو جيڪڏهن پُٽُ پرديس ۾ وينو هجي ۽ والدين کيس اچڻ جو حڪم ڏين ته هاڻي اچڻ ضروري آهي کيس اچڻو ئي پوندو.

پر ها! جيڪڏهن شريعت جو حڪم ۽ والدين جو حڪم آمهون سامهون ٿي وڃن، يعني هڪ ٻئي جي ٽڪراءَ ۾ اچي وڃن ته اهڙي صورت ۾ شريعت جي ڳالهه مڃي ويندي، ماءُ پيءُ جي نه مڃي ويندي، مثال طور والدين چئي رهيا آهن ته: ◈ ڏاڙهي ڪُوڙائي ڇڏ، هي حڪم شريعت جي خلاف آهي، تنهنڪري نه مڃيو ويندو ◈ اهڙي طرح الله نه ڪري جيڪڏهن والدين نماز کان منع ڪن، فرض روزا رکڻ کان روڪيندا هجن ته اهڙي صورت ۾ والدين جي نه پر شريعت جي ڳالهه مڃي ويندي.

## ادب سان عرض ڪريو

پر هيءَ ڳالهه به ياد رکو ته ماءُ پيءُ جيڪڏهن شريعت جي خلاف حڪم ڏئي ڇڏيو ته ◈ هاڻي ساڻن وِڙهڻو نه آهي ◈ سندن سامهون رَڙِيُون ۽ واڪا نه ڪرڻا آهن ◈ انهن سان ڳالهه ٻولهه ختم ناهي ڪرڻي ◈ انهن کان کاوِڙجي گهر کان ڀڄي وڃڻو نه آهي ◈ کائڻ پيئڻ جي هڙتال (*Strike*) ڪري

---

1...بہار شریعت، جلد:3، حصہ:16، صفحہ:559۔

سندن دل نہ ڏکائڻي آهي پر اهڙي صورتحال ۾ بہ ساڻن ڀلائي سان ئي پيش اچڻو آهي، مثلاً امِي جان چئي ٿي تہ: پُٽَ! ڏاڙهي ڪُوڙائي ڇڏ! هاڻي پٽ کي ادب سان چوڻو آهي: امِي جان! اوهان جو حڪم اکين تي پر مان ڏاڙهي نہ ٿو ڪُوڙائي سگهان، اِن ۾ الله ۽ رسول جي ناراضگي آهي.

◈ هاڻي ان ڳالهہ تي ماءُ پيءُ ڏاڍا ڏاڍا ڏين تہ خاموشيءَ سان ٻڌجن ◈ جيڪڏهن مارَ ڏين تہ چپ چاپ مار کائي وٺو ◈ ڳالهائڻ ٻولهائڻ بند ڪري ڇڏين تہ وقفي وقفي سان، حڪمتِ عملي سان، چاچي يا مامي وغيره جي حمايت سان کين مڃائڻ جي ڪوشش ڪريو، بي ادبي ڪنهن بہ صورت ۾ نہ ڪرڻي آهي، هر حال ۾ انهن سان ڀلائي ڀلائي ۽ ڀلائي سان ئي پيش اچڻو آهي.

## (2) نفلي عبادت کان وڌيڪ اهميت ڏيڻ

والدين جو ٻيو حق آهي: سندن حڪم کي نفلي عبادت کان وڌيڪ اهميت ڏيڻ.(1)

مثال طور ◈ دل ڪري رهي هجي تہ سياڻي نفلي روزو رکان، پر ماءُ پيءُ منع ڪري ڇڏيو تہ سندن ڳالهہ مڃڻي پوندي ◈ دل چاهي ٿي تہ هن وقت نفل پڙهان، پر امي جان ڪيڏانهن وڃڻ، مثلاً بازار مان سودو وغيره آڻڻ جو فرمايو تہ هاڻي نفل پوءِ پڙهڻو آهي، پهريان انهن جو حڪم مڃڻو آهي.

1--- برالوالدين لابن جوزی، کیفیۃ بر الوالدين، صفحہ:137۔

## والدين جي سَڏَڻ تي دير نہ ڪريو!

پيارا اسلامي ڀائرو! والدين پڪارين تہ جواب ڏيڻ ۾ هرگز دير نہ ڪرڻ گهرجي، ڪجھ ماڻهو هن ۾ سخت لاپرواهي کان ڪم وٺندا آهن، ماءُ آواز ڏئي رهي آهي، هي پنهنجي ڪم ۾ مگن آهن يا موبائل (*Mobile*) ۾ گُم آهن، ماءُ جي سَڏَ جو جواب ئي نہ ڏئي رهيا آهن، ڪجھ ماڻهو ڀهريون هڪ ٻہ سَڏُ تہ ٻُڌو اَڻ ٻُڌو ڪري ڇڏيندا آهن، جڏهن ماءُ ويچاري رڙيون ڪندي آهي تڏهن وڃي جواب ڏيندا آهن، اِها سخت بي ادبي آهي، جيڪي ماڻهو والدين جي سڏڻ تي خوامخواه بي توجهي (*No Lift*) جو مظاهرو ڪري سندن دل ڏکوئيندا آهن اُهي سخت گنهگار ۽ عذابِ نار جا حقدار آهن. ماءُ آخر ماءُ آهي، جيڪڏهن ڪڏهن غلطيءَ ۾ ئي سندس زبان مان بددعا نڪري وڃي ۽ قبوليت جي گهَڙي هجي تہ اولاد آزمائش ۾ پئجي ويندي آهي. منقول آهي تہ: هڪ شخص کي سندس ماءُ سڏ ڪيو پر هُن ڪيس جواب نہ ڏنو، ان تي سندس ماءُ ڪيس بددعا ڏني تہ هو گُونگو ٿي ويو. [1]

## (3): والدين تي خرچ ڪرڻ

ماءُ پيءُ جو ٽيون حق آهي: انهن تي خوب خرچ ڪرڻ.

مثلاً سندن کائڻ پيئڻ جو بهترين انتظام ڪرڻ ◈ جوتا، ڪپڙا وغيره خريد ڪري ڏيندو رهڻ ◈ طاقت آهر ميوا وغيره پيش ڪرڻ ◈ بيمار هجن تہ سني ڊاڪٽر کان چيڪ اپ ڪرائڻ، دوائون وغيره وٺي ڏيڻ ◈ حسبِ توفيق کين جيب خرچ طور رقم ڏيڻ تہ جيئن هُو جتي چاهن خرچ فرمائن. مطلب تہ

---

1… بِرالوالدَين للطرطُوشي، صفحہ:79۔

جيترو ٿي سگهي انهن تي پنهنجو مال خرچ ڪرڻ، سندن حقن ۾ شامل آهي. روايتن ۾ آهي ته: هڪ شخص پنهنجي والد کي خرچ نه ڏيندو هو، سندس والد بارگاھِ رسالت ۾ عرض ڪيو. اُن تي پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ اکين ۾ ڳوڙها ڀرجي آيا ۽ جلال جي ڪفيت ۾ اُن شخص کي فرمايائون: اَنْتَ وَمَالُكَ لِاَبِيْكَ يعني تون ۽ تنهنجو سمورو مال تنهنجي پيءُ جو ئي آهي. [1]

يقيناً اسان دنيا ۾ آيا ئي انهن جي ذريعي آهيون، اڄ اسان جيڪو ڪجھ آهيون، ماءُ پيءُ جي محنت جو ئي نتيجو آهيون، تنهنڪري اسان جو جيڪو ڪجھ آهي، ان تي سندن پورو پورو حق آهي، تنهنڪري گهرجي ته جيترو ٿي سگهي، انهن تي خرچ ڪندا رهون.

## والدين جا وڌيڪ حَقَ

**(4):** والدين جي خواهشن کي پورو ڪرڻ به سندن حقن ۾ شامل آهي. مثلاً ◈ سندن پسنديدھ ڪاڌو کين کارائڻ ◈ سندن پسند جون شيون کين آڻي ڏيڻ ◈ والدين حج ڪرڻ چاهن ٿا، پٽ کي طاقت هجي ته کين حج ڪرائي ◈ والدين مدينو ڏسڻ چاهن ٿا، پُٽُ ڪوشش ڪري کين مدينو ڏيکاري، ائين جيترو ٿي سگهي، ماءُ پيءُ جون جائز خواهشون پوريون ڪيون وڃن، اِهو به سندن حقن ۾ آهي.

اهڙي طرح والدين جا وڌيڪ حق هي آهن: **(5):** سندن خدمت ۾ مبالغو ڪرڻ، يعني ◈ خوب خدمت ڪرڻ ◈ سندن پيرن کي زور ڏيڻ ◈ سندن ضرورتون ڊوڙي ڊوڙي پوريون ڪرڻ ◈ سندن غم ۾ غمگين ۽ خوشي ۾

---

1…ابن ماجہ، کتاب التجارات، باب ماللرجل من مال ولده، صفحہ:366، حدیث:2291۔

خوش ٿيڻ **(6):** سندن سامهون دَٻيل رهڻ ته ڪٿي ڪا بي ادبي نه ٿي وڃي. **(7):** انهن جي سامهون آواز بلند نه ڪرڻ. **(8):** انهن کي تيز نظرن سان نه گهُورِڻ **(9):** سندن اڳيان نه هلڻ **(10):** ڪين نالو ڪٺي سڏ نه ڪرڻ **(11):** ۽ انهن جي طرفان جيڪو به ڏک يا تڪليف پهچي، ان تي صبر، صبر ۽ بس صبر ئي ڪندو رهڻ. هي سڀ ماءُ پيءُ جا حق آهن.

پيارا اسلامي ڀائرو! ان کان علاوه اسان تي والدين جا کهڙا کهڙا حق لازم آهن، اسان کي ان جي باري ۾ به معلومات هئڻ گهرجي. اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحمةُاللهِعَلَيْه جو هڪ تمام پيارو رسالو آهي: اَلْحُقُوقُ لِطَرْحِ الْعُقُوقِ. مڪتبة المدينہ ان کي آسان ڪري والدین،زوجین اوراساتذہ کے حقوق جي نالي سان شايع ڪيو آهي. هي رسالو مڪتبة المدينہ جي ڪنهن به شاخ تان **115 روپين** ۾ قيمتاً طلب فرمايو. اهڙي طرح اميرِ اهلسنت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتبَرَكَاتُهمالْعَالِيَه جو تمام پيارو رسالو **ساموندي گنبذ**، **30 روپين** ۾ قيمتاً طلب فرمايو يا دعوتِ اسلامي جي ويب سائيٽ (*www.dawateislami.net*) تان فري ڊائون لوڊ ڪريو.

هي ٻئي رسالا والدين جي حقن جي معلومات لاءِ ڪافي مفيد آهن، اسان کي انهن جو مطالعو ضرور ڪرڻ گهرجي. الله پاڪ اسان کي ماءُ پيءُ جا حق ادا ڪرڻ ۽ سچي زندگي سندن شڪر گذار ٿي رهڻ جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِيْنْ بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هڪ شعبي جو تعارف: المدينة العلميه

پيارا اسلامي ڀائرو! دعوتِ اسلامي عاشقانِ رسول جي عالمي تنظيم آهي. اَلْحَمْدُلِلّٰه! ڪيترن ئي شعبن جي ذريعي قرآن و سنت ۽ فلاحِ امت ۽ فروغ علمِ دين ۾ پيش پيش آهي. انهن ئي شعبن مان هڪ شعبو المدينة العلميه (اسلامڪ ريسرچ سينٽر *Islamic Research Centre*) بہ آهي.

هي شعبو 2 شاخن (*Branches*)، جي 30 ذيلي شعبن (*sub-sectors*) ۾ تقريباً 126 کان وڌيڪ علماءِ ڪِرام جي ذريعي تصنيف و تاليف ۽ ترجمي ۽ تحقيق وغيره جو ڪم ڪرڻ ۽ مسلمانن کي درست اسلامي لٽريچر (*Literature*) پهچائڻ ۾ مصروف آهي.

اَلْحَمْدُلِلّٰه! هڪ اندازي مطابق قرآن وحديث ۽ ديني معلومات تي مشتمل، نهايت عمده، ۽ ديده زيب ٽائيٽل سان هي ادارو هن وقت تائين تقريباً **2108** ڪتاب ۽ رسالا شايع ڪري چڪو آهي يا ويب ايڊيشن (*Webedition*) ڏئي چڪو آهي. توهان المدينة العلميه جا سمورا ڪتاب مڪتبة المدينہ تان هارڊ ڪاپي (*Hard copy*) جي صورت ۾ يا دعوتِ اسلامي جي ويب سائيٽ (*www.dawateislami.net*) تان سافٽ ڪاپي (*Soft copy*) ۾ حاصل ڪري سگهو ٿا. الله پاڪ دعوتِ اسلامي جي هن تحريري ۽ تصنيفي شعبي کي برين نظرن کان محفوظ فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ خاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## المدينہ آن لائن لائبريري

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُلِلّٰه! دعوتِ اسلامي جو *I.T* ڊپارٽمينٽ ڏينهون ڏينهن اسان کي علمِ دين سکڻ جا آسان ذريعا فراهم ڪرڻ ۾ مصروف آهي. سَوين ڪتابن ۽ رسالن تي مشتمل **المدينہ آن لائن لائبريري** جيڪا اڳ ۾ صرف ڊيسڪ ٽاپ ورجن (*Desktop version*) ۾ هئي، هاڻي ويب ورجن (*Web version*) ۾ لائيو (*Live*)ڪئي وئي آهي. المدينہ آن لائن لائبريري ۾ مڪتبة المدينہ جا مختلف موضوعن (مثلاً قرآن و سنت، عقائدِ اسلام، فقهہ و فتاويٰ، اسلامي تعليمات، اخلاق و آداب، سيرتِ رسولِ عربي، سيرتِ اُمهاتُ المؤمنين، سيرتِ صحابہ و صحابيات، سيرتِ اولياءِ ڪِرام، سيرتِ امير اهلسنت، ملفوظاتِ اميرِ اهلسنت ۽ فيضانِ مدني مذاڪره، اوراد و وظائف ۽ نعتيہ ڪلام وغيره) تي مشتمل ڪتاب ۽ رسالا موجود آهن. المدينہ آن لائن لائبريري مان فائدو حاصل ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي ويب سائيٽ www.dawateislami.net/bookslibrary وزٽ ڪريو ۽ ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو.

## ڪجھ ضروري اعلانات

◈ هر ڇنڇر تي امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه مدني چينل تي لائيو هفتيوار مدني مذاڪرو فرمائيندا آهن، اينڊڙ ڇنڇر تي بہ مدني چينل تي عشاء جي نماز کان پوءِ تقريباً 9:30 تي اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! هفتيوار مدني مذاڪرو ٿيندو، جنهن ۾ شيخِ طريقت، امير اهلسنت، مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه سوالن جا جواب بہ عنايت فرمائيندا. سيئي ذميدار ۽ عاشقانِ رسول هن مدني مذاڪري ۾ پاڻ بہ شرڪت فرمائن ۽ ٻين کي بہ ان جي دعوت ڏين ◈ شيخ طريقت، امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه يا خليفهءِ امير اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه هر هفتي

هِڪ **دِيني رسالو** پڙهڻ جي ترغيب بہ ارشاد فرمائيندا آهن، ايندڙ هفتي جي مدني مذاڪري ۾ رسالي ”**منهاج العابدين مان 38 مدني گُل (قسط 1)**“ جو اعلان ڪيو ويندو. هي رسالو پاڻ بہ پڙهو! ٻين ڪي بہ پڙهڻ جي ترغيب ڏياريو ۽ سوشل ميڊيا تي شيئر (*Share*) بہ ڪريو! ◈ ۞ هر مهيني ماهوار فيضانِ مدينہ ۾ مرڪزي مجلسِ شوريٰ جي نگران مولانا حاجي عمران عطاري جو هڪ انتهائي فڪر انگيز ۽ بصيرت افروز مضمون بعنوان: ”**فرياد**“شايع ٿيندو آهي. مڪتبةُ المدينہ انهن مضمونن کي ڪتابي صورت ۾ شايع ڪري رهيو آهي، جنهن سان اهي مضمون هڪ ئي جاءِ تي پڙهڻ لاءِ ميسر (دستياب) هوندا. هي ڪتاب مڪتبةُ المدينہ جي ڪنهن بہ شاخ تان 380 روپين ۾ حاصل ڪريو، پاڻ بہ ان جو مطالعو ڪريو ۽ ٻين کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي سنت جي فضيلت ۽ زندگيءَ جا ڪجهہ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيو آهيان. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ أَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدْ أَحَبَّنِی وَمَنْ أَحَبَّنِی كَانَ مَعِی فِی الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سنت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنت ۾ مون سان گڏ هوندو.(1)

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

1...تاريخ مدينہ دمشق، جلد:9، صفحہ:343.

## سُومَرِ ۽ (جُمِعرات) خميس جو روزو رکڻ سنتِ مصطفيٰ آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! سُومَر ۽ خميس جو روزو رکڻ سنتِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم آهي. مسلمانن جي پياري امِي جان حضرت عائشه صديقه رَضِىَ اللّٰهُ عنها فرمائن ٿيون: منهنجا سرتاج، صاحبِ معراج صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم سُومر ۽ جمعرات (خميس) تي اهتمام سان روزو رکندا هئا. (1)

اسان کي به گهرجي ۽ صحت اجازت ڏئي ته سومر ۽ خميس جو روزو اهتمام سان رکندا ڪريون اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! سنت تي عمل سان گڏوگڏ بي شمار برڪتون نصيب ٿينديون. پر ياد رکو! ◈ جيڪڏهن نفلي روزن جي ڪري ڪم ڪار ڪرڻ ۾ سستي پيدا ٿئي ته روزو رکڻ جي اجازت نه آهي ◈ جتي به نفلي روزي جي سبب ڪنهن افضل ڪم ۾ حرج واقع ٿئي ته اتي روزو نه رکجي (مثلاً جيڪڏهن ڪنهن اسلامي ڀاءُ جي ذميداري اهڙي قسم جي آهي جتي عوام سان ڪثرت سان واسطو پوندو آهي ۽ روزو رکڻ سان سندس مزاج ۾ تُرشي پيدا ٿيندي هجي ته جيتوڻيڪ ڪم پورو ٿي ويندو هجي پر ماڻهن سان بداخلاقي کان بچڻ نفلي روزن جي مقابلي ۾ وڌيڪ ضروري آهي) ◈ ماءُ پيءُ جيڪڏهن پُٽ کي نفلي روزي رکڻ کان ان ڪري منع ڪن ته بيماري جو انديشو آهي ته والدين جي اطاعت ڪرڻ گهرجي ◈ مُڙس جي اجازت کان سواءِ زال نفلي روزو نه ٿي رکي سگهي. (2)

مختلف سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل ڪتاب **بهار شريعت** جلد: 3 مان حصو 16 ۽ شيخ طريقت، امير اهل سنت **مولانا الياس**

---

1- ترمذی ،کتاب الصوم ، باب ماجاء فی صوم یوم الاثنین ...الخ،صفحہ: 208، حدیث:746۔

2-اعرابی کے سوالات،صفحہ:110، 111 ملتقطاً۔

**قادري** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو **91** صفحن تي مشتمل رسالو **550 سنتون ۽ آداب** خريد فرمايو ۽ پڙهو. سنتون سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر ڪرڻ به آهي.

سنتيں سيکھنے تين دِن کے ليے | ہر مہينے چليں، قافلے ميں چلو

الله پاڪ اسان کي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### ﴿1﴾ جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ نِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو ته جيڪو شخص هر جمعرات (جمعه ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت به ايستائين هو ڏسندو ته سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

1... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

## ﴿2﴾ سمورا گُناھ مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناھ معاف ڪيا ويندا. (1)

## ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن. (2)

## ﴿4﴾ ڇھ لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِىْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇھ لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي. (3)

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

1...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65
2...القول البديع، الباب الثانی، ص277
3...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرۡضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِیَ اللہُ عَنۡهم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي. [1]

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنۡزِلۡهُ الۡمَقۡعَدَ الۡمُقَرَّبَ عِنۡدَكَ يَوۡمَ الۡقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي. [2]

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهۡلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللہُ عَنۡهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءَ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن. [3]

---

1... القول البديع، الباب الاول، ص125
2... الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31
3... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فی كيفية الصلاة ...الخ،254/10،حديث:17305

## ﴿2﴾ ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. [1]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

1 ... ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455